SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريه 2011

# SINDH ORDINANCE NO.I OF 2011

# سنڌ عوامي ملڪيت (حد دخليون هٽائڻ) (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2011

# THE SINDH PUBLIC PROPERTY (REMOVAL OF ENCHROACHMENT) (SECOND AMMENDMENT) ORDINANCE, 2011

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2.2010 جي ايڪٽ نمبر XVIII جي دفعه 12 جي ترميم

Amendment of section 12 of Act No.XVIII of 2010

3.2010 جي ايڪٽ نمبر XVIII جي دفعه 23 جي ترميم

Amendment of section 23 of Act No.XVIII of 2010

4.2010 جي ايڪٽ نمبر XVIII جي دفعه 26 جي ترميم

Amendment of section 26 of Act No.XVIII of 2010

# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريہ 2011

# SINDH ORDINANCE NO.I OF 2011

# سنڌ عوامي ملڪيت (حد دخليون هٽائڻ) (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2011

# THE SINDH PUBLIC PROPERTY (REMOVAL OF ENCHROACHMENT) (SECOND AMMENDMENT) ORDINANCE, 2011

[20 اپريل 2011]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ عوامي ملڪيت (حددخليون هٽائڻ) ايڪٽ، 2010 جي وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ عوامي ملڪيت (حددخليون هٽائڻ) ايڪٽ، 2010 جي وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن کي نظر ۾ رکندي فوري قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوري پاڪستان جي

آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ڪندي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن آرڊيننس کي سنڌ عوامي ملڪيت (حددخليون هٽائڻ) (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2011 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

2010 جي ايڪٽ نمبر XVIII جي دفعہ 12 جي ترميم
Amendment of section 12 of Act No.XVIII of 2010

2. سنڌ عوامي ملڪيت (حددخليون هٽائڻ) ايڪٽ، 2010 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ چاٽايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 12 لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

"12 (1) ٽربيونلز جي پرزائيڊنگ آفيسرز جي جوڙجڪ ۽ مقرري: حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هر ضلعي لاءِ ٽربيونل قائم ڪري سگهي ٿي.

(2) ٽربيونل مشتمل هوندي هڪ پرزائيڊنگ آفيسر تي، جيڪو اهو شخص هوندو:

(i) جيڪو ڊسٽرڪٽ جج يا ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج آهي يا رهيو هجي؛ يا

(ii) جيڪو هاءِ ڪورٽ جو ايڊووڪيٽ رهيو هجي، جنهن جو عرصو ڏهہ سالن کان گهٽ نہ هجي.

(3) حڪومت هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سان مشاورت کانپوءِ، ٽربيونل جو پرزائيڊنگ آفيسر مقرر ڪري سگهي

تي.

(4) پرزائيڊنگ آفيسر اڍائي سالن لاءِ عهدو رکي سگهندو پر اهڙي وڌيڪ مدي يا ان جي اهڙي حصي لاءِ مقرر ٿي سگهي ٿو جيئن حڪومت طئي ڪري.

(5)پرزائيڊنگ آفيسر اهڙي مدت مڪمل ڪرڻ کان اڳ هٽائي سگهجي ٿو جنهن جي لاءِ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سان مشاورت بعد مقرر ڪيو ويو هيو.

2010 جي ايڪٽ نمبر XVIII جي دفعہ 23 جي ترميم
Amendment of section 23 of Act No.XVIII of 2010

3. چاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 23 جي ذيلي دفعہ (4) کي ختم ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ ذيلي دفعہ (5) کي ذيلي دفعہ (4) طور ٻيهر نمبر ڏنو ويندو.

2010 جي ايڪٽ نمبر XVIII جي دفعہ 26 جي ترميم
Amendment of section 26 of Act No.XVIII of 2010

4.چاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 26 لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

"26. (1) اسپيشل ڪورٽس جي پرزائيڊنگ آفيسرز جي جوڙجڪ ۽ مقرري: اسپيشل ڪورٽ هڪ پرزائيڊنگ آفيسر تي مشتمل هوندي, جيڪو اهو شخص هوندو:

(i) جيڪو سيشنز جج يا ايڊيشنل سيشنز جج هجي يا رهيو هجي; يا

(ii)جيڪو هاءِ ڪورٽ جو ايڊووڪيٽ هجي, جنهن جو

عرصو ڏهہ سالن کان گهٽ نہ هجي.

(2) حڪومت هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سان مشاورت ڪانپوءِ هر اسپيشل ڪورٽ لاءِ جج مقرر ڪري سگهي ٿي.

(3) جج اڍائي سالن لاءِ عهدو رکي سگهندو پر اهڙي وڌيڪ مدي يا ان جي اهڙي حصي لاءِ مقرر ٿي سگهي ٿو جيئن حڪومت طئي ڪري.

(4)جج اهڙي مدت مڪمل ڪرڻ کان اڳ هٽائي سگهجي ٿو جنهن جي لاءِ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سان مشاورت بعد مقرر ڪيو ويو هيو.

(5) ڪا بہ عدالت سواءِ دفعہ 25 تحت جوڙيل اسپيشل ڪورٽ جي هن ايڪٽ تحت سزا لائق ڪنهن ڏوهہ تي ڪارروائي جو اختيار نہ رکندي جيستائين ان سلسلي ۾ ڊائريڪٽر جنرل يا ڊائريڪٽر طرفان بااختيار بڻايل شخص طرفان لکت ۾ شڪايت نہ ڪئي وڃي.".

**نوٽ:آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**